ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3, 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻٽا لفظ: تحقيقي جائزو
# Reduplicated Words in Shah Latif's Poetry: A Research Study

**Moala Bux Bohio**
mbbohio786@gmail.com
EST- Sindhi IBA public school sukkr, PhD scholar University of Karachi, Sindhi department

**Corresponding Author: Moala Bux Bohio** mbbohio786@gmail.com
**Received:** 12-02-2026 **Revised:** 25-02-2026 **Accepted:** 13-03-2026 **Published:** 27-03-2026

## ABSTRACT

*The Sindhi language holds considerable richness in its linguistic structure, one notable aspect being reduplicated or repeated words. Like other word categories, these contribute fundamentally to the beauty, sweetness, and expressive depth of language. Linguistically, reduplicated words possess a formation distinct from compound and derived words, marking them as a separate category within secondary word-formations a distinction clarified by Dr. Jetley in his research. Structurally, reduplicated words are generally classified into two types: complete reduplication, where a word is repeated exactly without alteration; and partial reduplication, where one part of the word changes while the second part is attached in a meaningless or rhyming form. The poetry of Shah Abdul Latif Bhatti offers an excellent example of this feature, containing numerous verses where such words produce not only phonetic beauty and musicality, but also enhance semantic depth and emotional intensity. This paper presents a linguistic study of such words.*

***Keywords:*** *Reduplication, Reduplicated Words, Sindhi Language, Shah Abdul Latif Bhatti, Linguistics, Complete Reduplication, Partial Reduplication, Compound Words, Poetic Style, Phonetic Beauty*

سنڌي ٻولي پنهنجي لسانياتي ساخت ۾ تمام گهڻي ثروت ۽ تنوع رکي ٿي، جنهن جو هڪ نمايان پهلو ٻٽا يا دهراءَ وارا لفظ به آهن. اهي لفظ، لفظن جي ٻين قسمن وانگر، ٻوليءَ ۾ سونهن، مٺاس ۽ اظهار جي وسعت پيدا ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. لسانياتي حوالي سان ٻٽا لفظ اهڙي جوڙجڪ رکن ٿا، جيڪا انهن کي مرڪب ۽ مرتب لفظن جي دائري کان الڳ ۽ ثانوي لفظن جي هڪ خاص صنف طور بيان ڪري ٿي، جيئن ڊاڪٽر جيٽلي پنهنجي تحقيق ۾ واضح ڪيو آهي.

بناوت جي لحاظ کان ٻٽن لفظن جا مکيه طور تي ٻه قسم بيان ڪيا وڃن ٿا: پورڻ يا مڪمل تڪرار، جنهن ۾ لفظ بنا ڪنهن ڦير گهير جي هوبهو ورجايو وڃي ٿو؛ ۽ اَپورڻ يا جزوي تڪرار، جنهن ۾ لفظ جي هڪ حصي ۾ تبديلي آڻي، ٻئي حصي کي مهمل يا هم آواز صورت ۾ ملايو وڃي ٿو.

شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ هن لسانياتي خوبيءَ جو بهترين نمونو سان استعمال ٿيل آهي، جتي هزارين بيتن ۾ اهڙا ٻٽا لفظ موجود آهن، جيڪي نه رڳو صوتي حسن ۽ موسيقيت پيدا ڪن ٿا، پر شعر جي معنوي گهرائي، جذباتي شدت ۽ فڪري وسعت کي به اجاگر ڪن ٿا. هن مقالي ۾ اهڙن لفظن جو تحقيقي ۽ لسانياتي جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

## ٻٽا لفظ

سنڌي ٻوليءَ جي لفظي بناوت ۾ ٻٽا لفظ هڪ اهم ۽ نمايان حيثيت رکن ٿا. جيئن ٻين قسمن جا لفظ ڀلي اهي اسم هجن، صفت هجن يا فعل هجن، ٻولي جي اظهار کي اثرائتو بڻائين ٿا، تيئن ٻٽا لفظ پڻ پنهنجي مخصوص انداز سان ٻوليءَ جي حسن ۽ رواني ۾ اضافو ڪن ٿا. اهي لفظ عام طرح ٻن حصن تي مشتمل هوندا آهن، جن مان هڪ حصو بامعنيٰ هوندو آهي ته ٻيو حصو صرف آواز يا تال پيدا ڪرڻ خاطر ان سان جڙيل هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي حصا هڪجهڙي معنيٰ رکندڙ يا ملندڙ جُلندڙ لفظ هوندا آهن، جيڪي گڏجي هڪ نئون تاثر يا زور پيدا ڪن ٿا. ٻٽن لفظن جو استعمال نه رڳو ٻولي کي موسيقيت بخشي ٿو، پر ڳالهه ٻولهه ۾ زور، تسلسل ۽ جذباتي اثر پڻ پيدا ڪري ٿو. عام ڳالهه ٻولهه هجي يا ادبي تخليق، ٻئي هنڌ اهڙا لفظ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جي ذهن تي وڌيڪ اثر ڇڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ هڪ خاص تال ۽ تسلسل هوندو آهي، جيڪو ٻوليءَ کي خشڪ ٿيڻ کان بچائي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو لوڪ ادب، چوڻين، پهاڪن ۽ خاص طور تي شاعريءَ ۾ ٻٽن لفظن جو استعمال گهڻي پيماني تي ملي ٿو.

شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعري به هن لسانياتي خوبيءَ سان مالا مال آهي. سندس ڪلام ۾ ٻٽا لفظ نه رڳو صوتياتي حسن پيدا ڪن ٿا، پر شعر جي معنيٰ کي به گهرائي ۽ وسعت بخشين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اهڙن لفظن جو تحقيقي ۽ لسانياتي جائزو وٺڻ سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۽ ان جي شعري روايت کي سمجهڻ لاءِ نهايت ضروري ۽ اهم سمجهيو ويندو آهي.

”ڌُهرايل لفظن کي سنڌيءَ ۾ ٻٽا لفظ به چئبو آهي. اهڙن لفظ جي استعمال سان عبارت سپاويڪ ٻول چال وارو رنگ وٺي بيهندي آهي.“ (جروار،2007ع، ص 185)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽن لفظن جي استعمال سان ڪنهن به عبارت يا شعر ۾ اڻ کٽ رنگيني ۽ اثرائتائپ پيدا ٿي سگهي ٿي. اصطلاحي طرح انهن لفظن کي تڪراري يا دهرايل لفظ پڻ چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڪو نه ڪو حصو، يا سڄو لفظ، هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ورجايو وڃي ٿو. هي لفظ سنڌيءَ جي لساني جوڙجڪ ۾ هر لحاظ کان اهميت ۽ توجهه جا حقدار سمجهيا وڃن ٿا، ڇو ته اهي رڳو ٻوليءَ کي سينگارين ئي نه ٿا، پر ان جي معنيٰ ۽ احساس کي پڻ گهرو ڪن ٿا.

ٻٽن لفظن جي جوڙجڪ ۾ گهڻو ڪري ٻه صورتون نظر اچن ٿيون: هڪ اُهي لفظ جيڪي مڪمل طرح ورجايل هوندا آهن (جهڙوڪ: ننڍو ننڍو، آهستي آهستي)، ۽ ٻيا اُهي لفظ جن ۾ پهريون حصو بامعنيٰ ۽ ٻيو حصو صرف صوتي توازن يا تال قائم رکڻ خاطر شامل ڪيو وڃي ٿو (جهڙوڪ: پاٽي واٽي، ڪم ڪار) ٻنهي صورتن ۾ مقصد اهو ئي هوندو آهي ته ڳالهه ۾ زور، تسلسل ۽ تاثير پيدا ڪيو وڃي.

عام ڳالهه ٻولهه کان وٺي لوڪ ادب، پهاڪن، چوڻين ۽ خاص طور تي شاعريءَ تائين، ٻٽن لفظن جو استعمال هڪ نمايان لساني رجحان طور موجود آهي. شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ به اهڙن لفظن جي موجودگي، سندس شعر کي وڌيڪ رواني، موسيقيت ۽ گهرائي بخشي ٿي، جنهن ڪري انهن جو تحقيقي جائزو وٺڻ سنڌي شعري روايت کي سمجهڻ لاءِ اهم سمجهيو وڃي ٿو.

”سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن جي ٻن يا وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪي ساڳيا ۽ ٻه ڀيرا ڪم ٿا اچن؛ ڪي هڪ جهڙا ۽ موافق آهن ۽ ڪي مخالف آهن؛ ڪن ۾ ساڳئي قسم يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جن جي ڪابه معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن؛ ڪن ۾ جدا جدا فعلن جا موافق يا مخالف زمان ڪم آيل آهن.“ (الانا،2010ع، ص 259)

ٻٽا لفظ اصل ۾ لفظن جو اهو قسم آهن، جيڪي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن جي پاڻ ۾ ميلاپ يا جوڙ سان تشڪيل ٿين ٿا. هنن جي جوڙجڪ ۾ مختلف صورتون ملن ٿيون؛ ڪن ٻٽن لفظن ۾ هڪ جزو بامعنيٰ هوندو آهي، جڏهن ته ٻيو جزو پاڻ ۾ ڪا مستقل يا الڳ معنيٰ نه رکندو آهي، بلڪه رڳو پهرين لفظ سان لاڳاپي ۾ اچي هڪ نئون تاثر پيدا ڪري ٿو. ان کان علاوه ڪجهه ٻٽا لفظ اهڙا به آهن، جن جا ٻئي جزا هڪجهڙي بناوت يا صورت رکندڙ هوندا آهن ۽ پاڻ ۾ وزن ۾ به هڪجهڙا ۽ هم آهنگ ٿين ٿا، جنهن ڪري انهن جي اُچار ۾ هڪ خاص تال ۽ توازن پيدا ٿئي ٿو. ان سان گڏوگڏ، ٻٽن لفظن جي هڪ اهم قسم اهو به آهي، جنهن ۾ ٻئي جزا هڪ ٻئي جي ضد يا مخالف معنيٰ رکندڙ هجن ٿا. اهڙي جوڙجڪ سان جڙيل لفظ نه رڳو ٻولي ۾ تضاد جو تاثر پيدا ڪن ٿا، پر ڪيترائي ڀيرا ڪنهن حالت جي جامعيت يا مڪمليت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ به استعمال ٿين ٿا، جيئن ٻن مخالف ڪيفيتن يا حالتن کي گڏي هڪ وسيع مفهوم پيش ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح ٻٽن لفظن جي جوڙجڪ ۾ موجود اها گوناگوني ئي سنڌي ٻوليءَ جي لساني ثروت ۽ اظهار جي وسعت کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪا ان جي شعري ۽ نثري ٻنهي روايتن ۾ نمايان طور محسوس ٿئي ٿي.

”تڪرار ڪنهن لفظ جي سڄيءَ صورت يا ان جي ڪنهن بنياد يا جُز کي ڌُهرائڻ واري عمل کي چئبو آهي، جنهن جي ڌُهرائڻ سان لفظ يا ان جي ڪنهن حصي ۾ ڪا به اندروني تبديلي ڪا نه ايندي آهي.“ (الانا،2010ع، ص 260)

ٻٽا لفظ، مرڪب ۽ مرتب لفظن جي دائري کان الڳ هڪ مخصوص لساني صنف طور سڃاڻپ رکن ٿا. انهن جي بنيادي خصوصيت اها آهي ته لفظ جي بنيادي جزي کي ورجايو وڃي ٿو، ۽ ان جي اچار ۾ سندس بنيادي پاڳي ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي آهي، جيڪا ڳالهه انهن کي مرڪب لفظن کان بلڪل الڳ ڪري بيهاري ٿي. جيڪڏهن ٻٽن لفظن ۽ مرڪب لفظن جي ساختياتي فرق تي غور ڪجي ته معلوم ٿئي ٿو ته مرڪب لفظن ۾ پاڻ ۾ ويجها ٻئي جزا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آزاد ۽ مڪمل معنيٰ رکندڙ هوندا آهن، يعني هر جزو پاڻ ۾ الڳ لفظ جي حيثيت رکي ٿو. ان جي ابتڙ، ٻٽن لفظن ۾ پاڻ ۾ ويجها اهي جزا شامل هوندا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان وزن ۾ هم آهنگ يا وزندار ٿين ٿا، پلي انهن مان هڪ جزو آزاد معنيٰ نه به رکندو هجي. ان سان گڏوگڏ، ٻٽن لفظن جي جوڙجڪ ۾ اها تنوع پڻ نظر اچي ٿي ته ڪجهه ٻٽا لفظ هڪجهڙي صورت ۽ بناوت رکندڙ هوندا آهن، جڏهن ته ڪجهه پاڻ ۾ رڳو وزندار هوندا آهن، ۽ ڪجهه وري هڪ ٻئي جا ضد يا مخالف معنيٰ رکندڙ ٿين ٿا. اها گوناگوني ئي ٻٽن لفظن کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظي جوڙجڪ ۾ هڪ منفرد ۽ اهم حيثيت عطا ڪري ٿي.

”دهراي لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن کان علحده آهي، اهي مرتب هوندا آهن (ٻڪ ٻڪيو ۽ ڦٽڦٽي) يا مرڪب هوندا آهن. ڌُهرايل لفظن ۾ بنيادي لفظ سمورو يا انهيءَ جو حصو ڌُهرايو ويندو آهي، اهو ڌُهراءُ بنيادي روپ جي اڳيان يا پٺيان اندورني تبديل سان گڏ يا انهيءَ کان سواءِ يا ڌُهراءَ جي وچ ۾ ڪو ظرف وجهڻ سان گڏ هوندو آهي.“(جروار،2007ع، ص 40)

ٻٽن لفظن جي رچنا، سٽاءُ يا بناوت عام رواجي لفظن کان بلڪل ڌار ۽ مختلف حيثيت رکي ٿي. جيٽلي جي راءِ موجب جيتوڻيڪ ٻٽا لفظ ظاهري طور مرتب يا مرڪب لفظن سان مشابهت رکندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر انهن جي اندروني جوڙجڪ ۾ بنيادي فرق موجود آهي. اهو فرق ان ڪري آهي جو مرڪب لفظن ۾ ٻئي جزا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آزاد ۽ مڪمل معنيٰ رکندڙ الڳ لفظ هوندا آهن، جڏهن ته ٻٽن لفظن ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي بنيادي جزي کي ورجايو ويجي ٿو، يا وري ٻئي جزا پاڻ ۾ اهڙي وزن ۽ هم آهنگيءَ سان جڙيل هوندا آهن، جيڪا عام مرڪب لفظن ۾ ضروري ناهي هوندي. اهو ئي سبب آهي جو انهن جي رچنا کي عام رواجي لفظن جي زمري ۾ شامل ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ويجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ دهراءَ واري لفظن جي بناوت به پنهنجي مثال پاڻ آهي، جنهن ۾ معنيٰ ۽ مطلب جي سطح تي پڻ نمايان فرق موجود آهي. اهو ئي سبب آهي جو ٻٽن لفظن جي ذخيري کي هڪ ڌار ۽ مستقل عنوان هيٺ، الڳ نموني بيان ڪرڻ وڌيڪ مناسب ۽ بهتر ثابت ٿيندو، جيئن انهن جي لساني حيثيت واضح طور سمجهي سگهجي.

ڊاڪٽر جيٽلي جي بيان ڪيل نقطه نظر مطابق، جڏهن ٻٽن لفظن جي بناوت عام رواجي لفظن کان علحده ۽ منفرد آهي، تڏهن انهن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ ثانوي لفظن جي دائري اندر هڪ ڌار ۽ خاص قسم طور مڃڻ گهرجي. مطلب ته سنڌي وياڪرڻ جي روشنيءَ ۾ ٻٽا لفظ نه رڳو پنهنجي بناوت جي لحاظ کان غير رواجي آهن، پر اهي مرتب ۽ مرڪب لفظن جي دائري کان مڪمل طور ڌار ۽ الڳ حيثيت رکن ٿا.

ٻٽن لفظن جي ماهرن، سندن جوڙجڪ جي بنياد تي، عام طور تي ٻه بنيادي قسم بيان ڪيا آهن، جن ۾ هڪ پورڻ يا مڪمل تڪرار ۽ ٻيو اَپورڻ يا جزوي تڪرار شامل آهي.

پورڻ يا مڪمل تڪرار وارن ٻٽن لفظن ۾ سڄو لفظ، ان جي بناوت ۽ صورت سميت، بغير ڪنهن تبديليءَ جي هوبهو ورجايو وڃي ٿو. اهڙي جوڙجڪ سان ٻولي ۾ زور، تسلسل ۽ تاڪيد جو تاثر پيدا ٿئي ٿو، جيئن ڪنهن ڪيفيت يا عمل جي مسلسل يا وڌيل صورت کي ظاهر ڪيو وڃي.

ان جي ابتڙ، اَپورڻ يا جزوي تڪرار وارن ٻٽن لفظن ۾ لفظ جو رڳو ڪجهه حصو يا آواز ورجايو وڃي ٿو، جڏهن ته ٻيو حصو ان ۾ ڪا لاڳاپيل تبديلي يا اضافو ڪٽي اچي ٿو. اهڙي جوڙجڪ ۾ ڪڏهن ته پهريون جزو بامعنيٰ هوندو آهي ته ٻيو صرف صوتي توازن يا تال قائم رکڻ خاطر شامل ٿيندو آهي، ته ڪڏهن وري ٻئي جزا پاڻ ۾ ٿورو مختلف تلفظ يا آواز رکندڙ هوندا آهن، پر بنيادي مفهوم ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل رهن ٿا.

انهن ٻنهي قسمن جي موجودگي سنڌي ٻوليءَ جي لساني تنوع ۽ اظهار جي وسعت کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪا خاص طور تي شعري ۽ روزمره واري ٻولي ۾ نمايان طور محسوس ٿئي ٿي.

**ٻٽن لفظن جا قسم**

ٻٽن لفظن جا بناوت جي لحاظ کان ٻه بنيادي قسم آهن، جن جي صورتن ۾ ٻٽا يا دهراءَ وارا لفظ لکيا ويندا آهن: هڪ لفظ جو پورو يا مڪمل تڪرار، ۽ ٻيو لفظ جو اَپورڻ يا جزوي تڪرار.

لفظ جي پوري تڪرار واري صورت ۾ سڄو لفظ، پنهنجي اصلي بناوت ۽ صورت سميت، بغير ڪنهن ڦير گهير جي هوبهو ورجايو وڃي ٿو. اهڙي جوڙجڪ سان ٻولي ۾ زور، تسلسل ۽ تاڪيد جو تاثر اڀري ٿو، جيڪو ڪنهن ڪيفيت، عمل يا حالت جي مسلسل يا وڌيل صورت کي واضح ڪري ٿو.

ان جي ابتڙ، اَپورڻ يا جزوي تڪرار واري صورت ۾ لفظ جو رڳو ڪجهه حصو يا آواز ورجايو وڃي ٿو، جڏهن ته ٻيو حصو ان ۾ ڪا لاڳاپيل تبديلي يا واڌارو ڪٽي اچي ٿو. اهڙي ٻٽي جوڙجڪ ۾ ڪڏهن پهريون جزو بامعنيٰ هوندو آهي ۽ ٻيو رڳو صوتي توازن يا تال قائم رکڻ خاطر شامل ٿيندو آهي، ته ڪڏهن وري ٻئي جزا ٿورو مختلف تلفظ رکندڙ هوندي به بنيادي مفهوم ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل رهن ٿا.

انهن ٻنهي قسمن جي جوڙجڪ، سنڌي ٻوليءَ جي لساني تنوع ۽ اظهار جي وسعت کي پڌرو ڪري ٿي، جيڪا خاص طور تي شعري ۽ روزمره واري ٻولي ۾ نمايان طور محسوس ٿئي ٿي.

”تڪرار، ڪنهن لفظ جي سڄيءَ صورت يا اُن جي ڪنهن بنياد يا جُز کي ڌُهرائڻ واري عمل کي چئبو آهي، جنهن جي ڌُهرائڻ سان لفظ يا اُن جي ڪنهن حصي ۾ ڪابه اندرني تبديلي ڪانه ايندي آهي.“ (الانا، 2010ع، ص 259)

پورو يا مڪمل تڪرار وارن ٻٽن لفظن جي وصف ڪجهه هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿي: جڏهن ڪو به لفظ ڪنهن عبارت يا جملي ۾ پنهنجي ساڳي صورت ۾ لڳاتار ٻه يا ٻن کان وڌيڪ پيرا ورجايو وڃي، تڏهن ان کي لفظ جو مڪمل يا پورو تڪرار چيو وڃي ٿو. هن قسم جي جوڙجڪ ۾ لفظ جي اصلي بناوت، هجائن يا آوازن ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي آهي، بلڪه سڄو لفظ

هوبهو ساڳي صورت ۾ ورجايو وڃي ٿو. اهڙي تڪرار سان ٻوليءَ ۾ زور، تسلسل ۽ ڪثرت جو تاثر پيدا ٿئي ٿو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو عمل يا حالت جي پکيڙ يا وسعت کي پڻ ظاهر ڪري ٿو. مثال طور: دم دم، هٽ هٽ، وک وک، گهر گهر، شهر شهر، هر هر، ڪارا ڪارا وغيره . انهن سمورن مثالن ۾ اصل لفظ کي بغير ڪنهن ڦيرڦار جي ورجايو ويو آهي، جيڪا ئي پوري يا مڪمل تڪرار جي بنيادي نشاني آهي.

اَڀورڻ يا جزوي تڪرار وارن ٻٽن لفظن جي وصف هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿي: هن قسم جي جوڙجڪ ۾ لفظ جو پهريون حصو يا پويون جزو بدلائي، باقي لفظ جي ساڳي صورت کي برقرار رکندي ڪم آندو وڃي ٿو. مطلب ته لفظ جو هڪ حصو اصلي ۽ بامعنيٰ رهي ٿو، جڏهن ته ٻيو حصو ان سان ملندڙ جلندڙ آواز يا وزن ۾ تبديل ٿي، رڳو صوتي توازن يا تاڪيد پيدا ڪرڻ خاطر شامل ڪيو وڃي ٿو. اهڙي جوڙجڪ کي لفظ جو اَڀورڻ يا جزوي تڪرار چيو وڃي ٿو. مثال طور: ڪيٽ سيٽ، چوڪر ڀاڪر، ماني پاني، ڏيتي ليتي، مٽ سٽ وغيره . انهن مثالن ۾ لفظ جو بنيادي حصو پنهنجي معنيٰ سان قائم رهي ٿو، جڏهن ته ٻيو جزو رڳو آهنگ ۽ تال پيدا ڪرڻ لاءِ ان سان ڳنڍيل هوندو آهي. اهو ئي عمل جزوي تڪرار سڏائي ٿو.

**شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻٽا لفظ**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن جون ڏار ڏار صورتون ڪم آندل نظر اچن ٿيون، جيڪي نه رڳو سنڌس ڪلام جي سونهن کي برقرار رکن ٿيون، پر گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي فطري خوبصورتي کي به نروار ڪن ٿيون. جيئن ٻين قسمن جا لفظ شاعريءَ ۾ پنهنجي جاءِ رکن ٿا، تيئن ٻٽا يا دهراءَ وارا لفظ به شاهه لطيف جي ڪلام ۾ خاص اهميت رکن ٿا. لفظ جي ڪا به صورت هجي، اها هر ٻوليءَ لاءِ اهميت واري هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته لفظ سان ٻوليءَ جو گهرو تعلق قائم رهي ٿو. لسانيات جي ميدان ۾ ٻٽن لفظن کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي، ڇو ته انهن جي استعمال مان ان ٻوليءَ جي اندروني سگهه ۽ اظهار جي وسعت جي پروڙ پوي ٿي، جنهن ۾ اهي ڪم آندا وڃن ٿا.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون لامحدود خوبيون ۽ خاصيتون سمايل آهن. هن سنڌي ٻوليءَ جي عام ۽ خاص، ٻنهي قسمن جي لفظن کي اهڙي اثرائتي نموني استعمال ڪيو آهي، جو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ سنڌس ڪلام تي جهومي پون ٿا. پنهنجي ڪلام ۾ وڌيڪ رواني ۽ خوبصورتي پيدا ڪرڻ لاءِ، شاهه لطيف ڪيترن هنڌن تي لفظن جو ورجاءُ يا دهراءُ ڪري، هڪ طرف لساني خوبي پيدا ڪئي آهي ته ٻئي طرف شعر جي حسن کي به وڌايو آهي. شعر جي وزن ۽ گهرجن کي پورو ڪرڻ خاطر، هو ڪيترن ئي لفظن جي صورتن کي وڌائي، گهٽائي يا دهرائي پيش ڪري ٿو، جنهن سان نه رڳو شعر جي بيهڪ ۽ سونهن مڪمل ٿئي ٿي، پر لفظ کي به وڌيڪ گهرائيءَ سان معنيٰ ۽ مطلب عطا ٿئي ٿو.

”شاهه صاحب، سنڌي وياڪرڻ جي هڪ ٻي خصوصيت يعني ٻٽا لفظ يا لفظن جي تڪراري صورت يا لفظن کي وري وري دهرائڻ واري خوبي ڪن آندي آهي.“ (الانا،2006ع، ص 240)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻٽن لفظن جا مکيه طور تي به قسم ملن ٿا، جن ۾ هڪڙا مهمل يا بي معنيٰ لفظ آهن ۽ ٻيا تڪراري لفظ.

مهمل لفظن جي جوڙجڪ ۾ ٻن جزن مان هڪ جزو ته بامعنيٰ ۽ مستعمل هوندو آهي، جڏهن ته ٻيو جزو پاڻ ۾ ڪا به آزاد يا لغوي معنيٰ نه رکندو آهي. اهو ٻيو جزو رڳو پهرين لفظ سان لاڳاپي ۾ اچي، صوتي توازن، تال ۽ تاڪيد پيدا ڪرڻ خاطر استعمال ڪيو ويندو آهي. ان جي موجودگيءَ سان جملي يا مصرع ۾ هڪ خاص موسيقيت ۽ رواني اچي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ اهو جزو پاڻ ۾ ڪجهه به نه ٿو ڪري.

ٻئي طرف تڪراري لفظن جو تعلق آهي، ته انهن کي اهڙن لفظن سان سڏيو وڃي ٿو، جن ۾ لفظ جي هڪ ئي صورت کي لڳاتار به ڀيرا گڏجي استعمال ڪيو ويندو آهي. هن قسم جي جوڙجڪ ۾ لفظ جي بناوت، هجائن ۽ آواز ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي آهي، بلڪه سڄو لفظ هوبهو ورجايو وڃي ٿو. اهڙي تڪرار سان شاهه لطيف جي ڪلام ۾ زور، تسلسل ۽ تاڪيد جو تاثر اڀري ٿو، جيڪو ڪنهن ڪيفيت، عمل يا حالت جي پکيڙ ۽ وسعت کي وڌيڪ اثرائتي نموني ظاهر ڪري ٿو.

اهي ٻئي قسم گڏجي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ منفرد لساني رنگ پيدا ڪن ٿا، جيڪو سنڌس ڪلام کي موسيقيت، گهرائي ۽ عوامي جهڙي رواني عطا ڪري ٿو.

**جزوي تڪرار وارا ٻٽا لفظ**

مهمل يا اٽپورو تڪراري لفظَ اهڙن لفظن کي چيو وڃي ٿو، جن ۾ هڪ لفظ پنهنجي مڪمل معنيٰ رکندڙ هجي، ۽ ٻيو لفظ رڳو ورجاءَ طور ان سان گڏ ڪم آندل هجي، جنهن جي پنهنجي طور ڪا به لغوي معنيٰ نه هوندي آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هن قسم جا لفظ تمام گهٽي تعداد ۾ ملن ٿا. هن قسم جي ٻٽن لفظن جي جوڙجڪ جو خاص طريقو اهو آهي ته اصل لفظ جي سادي صورت ۾ ٿوري ڦيرڦار آڻي، ان کي ورجايو وڃي ٿو. لفظ کي ڳالهائڻ وقت وڌيڪ چٽو، تاثرائتو ۽ تال وارو بڻائڻ لاءِ، ان جي اڳياڙي يا پڇاڙيءَ ۾ هڪ اهڙو هم آواز لفظ ملايو ويندو آهي، جيڪو گهٽي ڀاڱي پاڻ ۾ بي معنيٰ نظر اچي ٿو. اهو اضافي جزو

رڳو صوتي هم آهنگي ۽ موسيقيت پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، نه ته ڪنهن نئين مفهوم جي اضافي لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. لسانيات جي اصولن ۾ لفظن جي قانون موجب، اهڙن جزن کي عام طور تي پرتيا يا مهمل لفظ سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهي جملي جي بنيادي معنيٰ ۾ ڪو اضافو نه ڪندي، رڳو ان جي صوتي بيهڪ ۾ تاثير کي وڌائين ٿا.

”جنهن فقري يا جملي ۾ ڪنهن صورت جي تڪرار واري عمل ۾ صورت جو پهريون جزو يا پويون جزو بدلي ۾ باقي جزو ساڳيو رهي ته اهڙي تڪرار کي جزوي يا اَپورڻ تڪرار چئبو آهي.“ (الانا،2005ع، ص 81)

مهمل لفظن کي ڳالهائڻ وقت وزندار ۽ چٽو بڻائڻ لاءِ، انهن جي پڇاڙيءَ واري صورت ۾ هڪ اهڙو لفظ شامل ٿيل رهندو آهي، جيڪو اصل لفظ سان هم وزن يا ساڳيو آواز رکندڙ هجي. اهڙي جوڙجڪ سان لفظ جي اُچار ۾ هڪ خاص تال ۽ تاڪيد پيدا ٿئي ٿو، جيڪو ٻڌندڙ جي ڌيان کي جهڪاري ٿو. خاص طور تي اسمن جي مثان سرسي يا زور پيدا ڪرڻ لاءِ، سندن اڳياڙيءَ ۾ يا آخر ۾ مناسبت سان هم آواز لفظ ملايو ويندو آهي، جن مان اڪثر لفظ پاڻ ۾ بي معنيٰ هوندا آهن. اهو اضافي جزو، جيتوڻيڪ پاڻ ۾ ڪا مستقل معنيٰ نه ٿو رکي، پر اصل لفظ سان گڏجي هڪ خاص صوتي هم آهنگي ۽ تاثير پيدا ڪري ٿو. اهڙن لفظن کي، جن ۾ اهڙي طرح بي معنيٰ جزو شامل ڪيو وڃي ٿو، عام طور تي مهمل يا بي معنيٰ وارا لفظ سڏيو وڃي ٿو.

**اَپورڻ يا جزوي تڪرار وارا (مهمل نموني جا) ٻٽا لفظ:** جن ۾ هڪ جزو بامعنيٰ ۽ ٻيو رڳو هم آواز يا صوتي توازن خاطر ملايل آهي.

جاڙِي ٻُجهي جَنِ، توسِين سُورَ سَجَ ڪِي، (گربخشاڻي،2009ع، ص 83)

جاڻي ڪاڻي مَحبُوبَنِ جِي، آهِ حُسنَ جِي هاڪَ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 125)

نَمِي ڪَمِي نِهارِ ٿُون، ڏَمَرُ وَڏو ڏُک، (گربخشاڻي،2009ع، ص 124)

اُڃِي ٻُڃِي آئِيا، وائِي ڪَنِ نه واتِ. (گربخشاڻي،2009ع، ص 109)

موڪِي چوڪِي نه ٿِيَي، اَصلِ اوچِي ذاتِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 114)

جَهلِيان پَلِيان، هِيَڙو نَرَهِي!(گربخشاڻي،2009ع، ص 119)

اَهج سُهج ساهِسِيون، ڏريان نه ڏاري، (آڏواڻي،2014ع، ص 378)

تَڙ تَڪَڙ تارِ گهڙَنُ، اِيُ ڪاڻِيارِنِ ڪَمُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 230)

اُرڪَ سُرڪَ، سَيّدُ چِي، لَڳِيَسِ ڏُوٺ ڏَهِي، (گربخشاڻي،2009ع، ص 236)

جاڙِي سُجاڙِي، وِهان ڪِنءَ ماٺِ ڪَرِي؟ (گربخشاڻي،2009ع، ص 304)

رُلِي ڇُلِي ڇِپَرِين، ڪِهِ پَرِ لاهِيان ڪاڻِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 311)

مَيَنِ کِي مامُورُ، آهِي اُٺَ ٽُٺَ اَڳِيِين پَنڌَ جِي (گربخشاڻي،2009ع، ص 372)

پُڇَنِ سِي پَسَنِ، جَڏِهِ تَڏِهِ پِرِيَ کِي، (گربخشاڻي،2009ع، ص 423)

اَٽِيا سَٽِيا نَه ڪَرِي، سُونهَ وِڄايَسِ سُورَ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 537)

جُهڙ ڦُڙ جِتِ ٿِيانِ، اُتِ اَڏِيائُون پَکَڙا، (گربخشاڻي،2009ع، ص 545)

هَٿِين، پيرين مُونَڙِيين؛ سِرِ جِ ساهَ پَساهَ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 352)

ڪُوهَر ٿُوهَرَ، ٿَرَ؛ جِتِ سائِيڪا ۽ سَٿِيُون، (گربخشاڻي،2009ع، ص 545)

**مشابهت ڏيکاريندڙ جزوي تڪرار:** (جيهڙو-تيهڙو نموني جا) جن ۾ ٻئي جزا پاڻ ۾ هم وزن هوندي به هڪ ٻئي جي هڪجهڙائي يا حالت ظاهر ڪن ٿا.

حالُ مُهِجو هِهَڙو جِهَڙو! (گربخشاڻي،2009ع، ص 413)

جيهيَ تيهيَ ذاتِ جِي، جُنبَشِ ڪانِه جا، (گربخشاڻي،2009ع، ص 300)

جِهَڙي تِهَڙي حالَ سين، پُري پُنهوُءَ ڏي، (گربخشاڻي،2009ع، ص 305)

**ضد يا مخالف معنيٰ رکندڙ ٻٽا لفظ)** جن ۾ ٻئي جزا هڪ ٻئي جي متضاد ڪيفيت يا حالت ظاهر ڪن ٿا، ۽ گڏجي ڪا جامع يا مڪمل صورتحال بيان ڪن ٿا.

تَتِيَ ٿَڌِيَ ڪاهِ، ڪانِهٖ ويلَ وِهَڻَ جِي، (قليچ،2007ع، ص 285)

اَڇِي وڇِي وِچَ ۾، تَماچِيَ جي ساءَ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 603)

جَر ٿَر ڏِيا ڏي، وَڻِ ٽِڻِ ٻَڌي وائُنتِيُون، (آڏواڻي،2014ع، ص 147)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مٿين بيتن ۾ ڪم آيل ٻٽن لفظن جو تفصيلي تجزياتي جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**لساني جوڙجڪ**

مٿين بيتن مان مليل ٻٽن لفظن جو گهڻو حصو اَپورڻ يا جزوي تڪرار جي قسم سان تعلق رکي ٿو، جيڪا ڳالهه پاڻ ۾ اهم آهي. اهو ثابت ڪري ٿو ته شاهه لطيف جي شاعراڻي مزاج ۾ رڳو لفظن جي ورجاءَ کان وڌيڪ، انهن ۾ صوتي تبديليءَ سان نوان تاثر پيدا ڪرڻ جو رجحان غالب هو. مثال طور "ڇاڙِي ٻُجهِي"، "اُرِڪَ سُرِڪَ"، "جاٺي ڪاٺي" جهڙن لفظن ۾ پهريون جزو مڪمل بامعنيٰ آهي، جڏهن ته ٻيو جزو، جيتوڻيڪ لغوي طور بي معنيٰ يا گهٽ معنيٰ رکندڙ آهي، ان جي باوجود اهو خالي ناهي رهجي ويندو، بلڪه لفظ جي معنويت کي وسعت ڏئي ٿو ۽ ان ۾ هڪ خاص جذباتي چوهه پيدا ڪري ٿو.

**صوتياتي خوبي**

هنن ٻٽن لفظن جي سڀ کان نمايان خصوصيت انهن جي آوازي هم آهنگي آهي. جيئن "تَڙِ تَڪَڙِ"، "رُلِي ڇُلِي"، "جَهلِيان پَلِيان" ۾ ڏسي سگهجي ٿو، ٻئي جزا هڪجهڙي وزن، ساخت ۽ لهجي ۾ ڳنڍيل آهن. هيءَ هم آوازي رڳو ٻڌڻ ۾ خوشگوار ناهي، پر بيت جي وزن کي به مڪمل ڪري ٿي، جيڪا ڳالهه سرائيڪي، سرود ۽ راڳ سان جڙيل سنڌي شاعريءَ لاءِ بنيادي ضرورت آهي. شاهه لطيف جي بيتن ۾ اهي لفظ نه رڳو سونهن پيدا ڪن ٿا پر ڳائڻ وقت مصرعن جي رواني کي به برقرار رکن ٿا.

**معنوي گهرائي ۽ جذباتي اثر**

جيتوڻيڪ اهڙن لفظن جو ٻيو جزو (جهڙوڪ ٻُجهِي، سُرِڪَ، پَلِيان) لغت ۾ مستقل معنيٰ نه ٿو رکي، پر شاعراڻي حوالي سان اهو خالي به ناهي. اهو جزو لفظ جي بنيادي مفهوم کي تقويت ڏئي ٿو، ان ۾ زور، تاڪيد ۽ تسلسل جو احساس شامل ڪري ٿو. مثال طور ڇاڙِي ٻُجهِي ۾ رڳو ڇاڙڻ چوڻ ۽ ڇاڙِي ٻُجهِي چوڻ ۾ فرق آهي، ٻئي صورت ۾ ڇاڻ جي مڪمليت، پختگي ۽ ارادي جو تاثر وڌيڪ اُڀري ٿو.

**ضد لفظن جي جوڙجڪ جي خصوصي حيثيت**

"تَتِيَ ٿَڌِيَ" ۽ "اَڇِي وڇِي" جهڙا مثال، جن ۾ ٻئي جزا هڪ ٻئي جا ضد آهن، شاهه لطيف جي فڪري گهرائي کي ظاهر ڪن ٿا. اهي لفظ رڳو ٻن مخالف حالتن کي بيان نه ٿا ڪن، بلڪه انهن جي وچ ۾ موجود سموري ڪيفيت، يعني هر موسم، هر حال، هر گهڙي جي جامعيت کي پڻ سمائين ٿا. اهو انداز فڪري وسعت ۽ صوفياڻي طرز فڪر سان به لاڳاپيل آهي، جتي مخالف قوتون هڪ ئي حقيقت جا ٻه پاسا سمجهيا وڃن ٿا.

مجموعي طور تي، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻٽن لفظن جو استعمال محض هڪ لساني رعايت نه، پر هڪ باشعور فني چونڊ آهي. اهي لفظ سندس ڪلام کي راڳ سان ڳنڍڻ، معنيٰ کي گهرو ڪرڻ ۽ ٻڌندڙ جي دل تي اثر ڇڏڻ جو ذريعو بڻجن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ به سندس بيت ٻڌندي، هي ٻٽا لفظ ٻڌندڙ کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏين ٿا، ۽ اهي سنڌي ٻوليءَ جي لساني سگهه ۽ شاعراڻي رعنائيءَ جو زنده مثال بڻيل رهن ٿا.

**مڪمل تڪرار وارا ٻٽا لفظ**

تڪراري لفظن جو تعلق شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ اهم ۽ گهڻي انگ ۾ ملندڙ صنف سان آهي. لفظن جي هن قسم ۾ ڪو به اسم يا فعل پنهنجي هڪجهڙي صورت ۾ لڳاتار ٻه ڀيرا ڪم آندو وڃي ٿو، جنهن ڪري اهڙن لفظن کي تاڪيد وارا لفظ به سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته انهن جو بنيادي مقصد ئي ڪنهن ڳالهه، ڪيفيت يا عمل تي زور ڏيڻ هوندو آهي. هن قسم جي جوڙجڪ

جي خاص نشاني اها آهي ته لفظ جو ورجاءُ ٿيڻ ڪري، ٻئي جزا هڪجهڙي صورت، آواز ۽ وزن رکندڙ نظر اچن ٿا، يعني انهن ۾ ڪا به صوتي يا صورتي تبديلي نه ايندي آهي. اهو ئي فرق هن قسم کي مهمل يا جزوي تڪرار وارن لفظن کان الڳ ڪري ٿو، جتي ٻيو جزو اڪثر ڪري ٿورو مختلف يا بي معنيٰ هوندو آهي. جڏهن اسم کي ورجايو وڃي ٿو (جهڙوڪ گهر گهر، شهر شهر)، تڏهن اهو عام طور تي پکيڙ، ڪثرت يا هر جڳهه واري مفهوم کي ظاهر ڪري ٿو. ان جي مقابلي ۾ جڏهن فعل کي ورجايو وڃي ٿو، تڏهن اهو گهڻو ڪري عمل جي تسلسل، شدت يا مسلسل جاري رهڻ واري ڪيفيت کي بيان ڪري ٿو.

شاهه لطيف جي بيتن ۾ اهڙن تاڪيدي لفظن جو استعمال، سندس ڪلام ۾ جذباتي شدت ۽ فڪري زور پيدا ڪرڻ جو هڪ اثرائتو ذريعو رهيو آهي، جنهن سان پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي ان ڪيفيت جو گهرو تاثر پوي ٿو، جيڪا شاعر بيان ڪرڻ گهري ٿو.

”جڏهن ڪو به لفظ جملي ۾ يا فقري ۾، يا ٻن ڪان وڌيڪ ڀيرا ساڳيءَ حالت ۾ سواءِ ڪنهن صوتي ڦيرڦار جي لڳاتار دهرائجي. لفظ جي اهڙي وري وري دهرائڻ واري عمل کي علم صرف موجب مڪمل تڪرار چئبو آهي.“(الانا،2005ع، ص 80)

مڪمل تڪراري لفظن جي وصف کي هن ريت واضح ڪري سگهجي ٿو: هن قسم جي جوڙجڪ ۾ ڪو به بنيادي روپ يا لفظ، پنهنجي اصلي ۽ ساڳي صورت ۾، بغير ڪنهن به قسم جي ڦير گهير، تبديلي يا اضافي جي، لڳاتار ٻه ڀيرا ورجايو وڃي ٿو. لفظ جي هجائن، آواز ۽ صورت ۾ ذري برابر به فرق نه ايندو آهي، ۽ ٻئي ورجايل جزا هڪ ٻئي جو عڪس هوندا آهن. اهڙي وري وري دهرائڻ واري عمل کي ئي پورڻ يا مڪمل تڪرار سڏيو وڃي ٿو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾، خاص طور تي شاعراڻي ڪلام ۾، زور، تاڪيد ۽ تسلسل جو مؤثر اظهار بڻجي ٿو. هن قسم جي تڪرار سان ڪا به ڪيفيت، عمل يا حالت وڌيڪ گهري، پڪڙيل يا مسلسل معلوم ٿيڻ لڳي ٿي، ۽ ٻڌندڙ جي ذهن تي هڪ خاص زور ۽ تاثر ڇڏي ٿي.

مٿين جائزي مان اهو ظاهر آهي ته شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مڪمل يا پورڻ تڪرار وارن لفظن جو تعداد تمام گهڻو ۽ متنوع آهي. اهي لفظ رڳو هڪ لساني نموني تائين محدود نه رهيا، پر ڪلام جي جوهر ۾ ايترو ته سمائجي ويا آهن، جو شاهه صاحب جي شعري اسلوب جي هڪ بنيادي سڃاڻپ بڻجي ويا آهن.

**هنن تڪراري لفظن کي انهن جي ورتاءَ موجب هيٺين ذيلي صنفن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:**

**اسمي تڪرار:**

<u>سَندَ سَندَ</u> ۾ ساڄَنَ جِي. (گربخشاڻي،2009ع، ص 382)

پِرين پُڇنديَس پَبَ ۾ <u>وَڻَ وَڻَ</u> وِڃهنديَس واڪو، (گربخشاڻي،2009ع، ص 316)

جِيَڻا اَڳي جي جِيا، <u>جُڳِ جُڳِ</u> سِي جِيَن، (بلوچ،1988ع، ص 84)

لَڱڙِي آهِ لَغارَ، وو اِيارَ !<u>اُنِءَ لُنِءَ</u> ۾ لالَنَ جِي؛ (گربخشاڻي،2009ع، ص 382)

هنن ۾ هر جاءِ، هر حصي يا هر دور جي پکيڙ ۽ عموميت جو تاثر پيدا ٿئي ٿو. مثال طور سَندَ سَندَ ۾ ساڄَنَ جِي ۾ محبوب جي موجودگي جسم جي هر رڳ رڳ ۾ محسوس ٿيڻ جو اظهار آهي.

**فعلي تڪرار:**

<u>وَڃي وَڃي</u> ٿِنديَس ويجهِي، (گربخشاڻي،2009ع، ص 311)

ڏَوا آهِيين دِلِ جِي، <u>پُڇِ پُڇِ</u> رَهيَس طَبِيبَ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 302)

<u>وَسِي، وَسِي</u> مِيهَ؛ جِنْ لَڻِي وِيَيَس ڪِيهَ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 427)

<u>هَلو، هَلو</u> ڪاڪِ تَڙين، جِتي نِيهَ اُجَلَّ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 478)

هنن ۾ عمل جي مسلسل، بار بار يا شدت سان جاري رهڻ جو تاثر اڀري ٿو. جيئن پُڇِ پُڇِ رَهيَس طَبِيبَ ۾ پڇڻ جي عمل جي بار بار ورجاءَ مان بيقراريءَ جو اندازو ٿئي ٿو.

**نداتي/آوازي تڪرار :**

<u>ووءِ !ووءِ</u> !ڪَندِي وَٺُ، مَڃُڻ ووءِ !وِسارِيين! (گربخشاڻي،2009ع، ص 435)

هَيءِ هَيءِ !وَهِي هُوءِ، مَنَ ۾ محبوبنِ جي! (مٿلاڻي،2001ع، ص 04)

واوِيلا !واوِيلا! مَلَڪَنِ ڪِئو رِڻِ ماتمُ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 658)

شاديَ جو سِنگارُ، آيَلِ !آيَلِ !مَرَڪُ مُهجو مُون پِرين. (گربخشاڻي،2009ع، ص 415)

هنن ۾ جذبات جي شدت، دانهن، فرياد يا خوشيءَ جو بي ساخته اظهار ملي ٿو، جيڪو عام ٻاڦ يا نداءَ کان وڌيڪ اثرائتو آهي.

**عددي تڪرار:**

ڏهَ ڏهَ پيرا ڏيهَ ۾، ڏي ڏوراپا ڏمُ، (بلوچ،1985ع، ص 109)

جُوءِ جا جاندارَنِ جي، ٻيلا ٻَهَ ٻَهَ ڪَنِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 236)

ڪَڏِهِ ڪَڏِهِ، جيڏِيُون !ڪو ٻَهُ اَچِنو پوءِ، (گربخشاڻي،2009ع، ص 431)

هنن ۾ تعداد يا وقت جي وقفي بابت تاڪيد ۽ ورجاءُ جو مفهوم شامل آهي.

انهن سمورن مثالن مان اها ڳالهه چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي ته شاهه لطيف مڪمل تڪرار کي رڳو معنيٰ تي زور ڏيڻ لاءِ نه، پر بيت جي وزن، تال ۽ ڳائڻ جي انداز کي سنوارڻ لاءِ به وڏي مهارت سان ڪم آندو آهي. سنڌي بيت جي روايتي راڳ ۾ اهڙو تڪرار، ڳائڻي کي دڳهو چڪ ۽ چڪاءُ ڏيڻ جو موقعو مهيا ڪري ٿو، جنهن ڪري ٻڌندڙ تي جذباتي طور وڌيڪ اثر پوي ٿو.

**فڪري ۽ صوفياڻي پهلو**

ڪيترن هنڌن تي هيءُ تڪرار محض صوتي نه، بلڪه فڪري گهرائي جو حامل به آهي. مثال طور جِنءَ جنءَ وَرَقَ وَرائِيِين، تِنءَ تِنءَ ڏِنو ڏوهُ ۾ به جوڙا تڪراري لفظ (جِنءَ جنءَ / تِنءَ تِنءَ) گڏجي هڪ سببي لاڳاپو ڏاهين ٿا، جتي هر نئين ڪوشش سان نئون ڏوه يا مسئلو ظاهر ٿئي ٿو. هي انداز شاهه لطيف جي فلسفياڻي ۽ درد-آلود اندازِ بيان جو عڪاس آهي.

مجموعي طور، هي جائزو ثابت ڪري ٿو ته شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مڪمل تڪرار وارا لفظ نه رڳو تعداد ۾ گهڻا آهن، پر معنوي، جذباتي ۽ موسيقياتي حوالي سان به تمام گهرا ۽ اثرائتا آهن. اهي لفظ سندس شاعريءَ کي عام ڳالهه ٻولهه کان مٿي کڻي، ان ۾ هڪ خاص شدت، درد ۽ رواني پيدا ڪن ٿا، جيڪا صدين کان سنڌي ٻڌندڙن جي دلين تي راڄ ڪندي پئي اچي.

مذڪوره بحث مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻٽا لفظ هڪ اهم لساني خصوصيت طور موجود آهن، جن ۾ مکيه طور تي مڪمل ۽ جزوي تڪرار جا قسم شامل آهن. مڪمل تڪرار ۾ لفظ بنا ڦير گهير جي هوبهو ورجايو وڃي ٿو، جڏهن ته جزوي تڪرار ۾ هڪ جزو بامعنيٰ ۽ ٻيو صوتي توازن خاطر شامل هوندو آهي. اهي لفظ مرڪب لفظن کان بنيادي طور مختلف آهن. سندن استعمال شاعريءَ ۾ زور، تاڪيد، تسلسل ۽ موسيقيت پيدا ڪري ٿو، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لساني سگهه ۽ شعري رعنائيءَ کي نروار ڪري ٿو.

حوالا :


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. (2005ع) ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا. (2006ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر. (2010ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
4. آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهه جو رسالو. (2014ع) ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
5. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. سرسهڻي جو مطالعو. (1985ع) حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
6. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. سر سسئي معذور جو مطالعو. (1988ع) حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
7. بيگ، مرزا قليچ، شمس العلماءِ. شاهه جو رسالو. (2007ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
8. جروار، خان محمد. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد - 2). (2007ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.

9. گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر. شاهه جو رسالو. (2009ع) حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.

10. مٺلاڻي، منوهر، ڊاڪٽر. شاهه عبداللطيف ڀٽائي (تحقيقي مضمون). (2001ع) ڄامشورو: ايم ايڇ. پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز.